هن رسالي ۾ شايع ٿيل تنقيد جو معيار بهتر رهيو آهي. گهڻي ڪان گهڻيون تنقيدون ذاتي نفرتن ۽ محبتن کان بچايون ويون آهن ۽ اڪثر نقادن جي لکڻين مان سندن مطالعي، عملي ڄاڻ ۽ فني مهارت جي خوشبوءِ محسوس ڪري سگهجي ٿي. ڪنهن به نقاد بيگر لاهڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي ۽ نه وري اوٽ تي قلم هٿ ۾ کنيو آهي. بلاشبه ڪيترين تنقيدون مختصر آهن پر انهن کي جامع سڏڻ ۾ ڪوبه ڪنجوسائي نٿو ڪري سگهي.

(ص.٣١٩)

سال ١٩٧٤ ۾ بمبئي جي نئين دنيا پبلشرس طرفان اي. جي. اُتم جي ادبي ۽ تنقيدي مضمونن جو ڳٽڪو ’ساهت ۽ ساهتڪار‘ جي نالي سان شايع ٿيو. هڪ سؤ ٻارنهن صفحن جي هن ڪتاب ۾ اٺ مضمون ڏنا ويا آهن. ڪتاب ۾ شامل پهريون مضمون ’ساهت ۽ ساهتڪار‘ نظرياتي تنقيد جو سٺو مثال آهي. انهيءَ ڪانسواءِ نقاد ’ليکراج عزيز‘، سامي ۽ ڀٽائيءَ جي ڪلام تي تشريحي تنقيد ڪئي آهي ۽ ’ڀارت ۾ سنڌي ساهت‘ جي عنوان هيٺ سنڌي ادب جو تاريخي اهميت وارو تنقيدي جائزو ورتو آهي.

’آشاواڻي‘ اخبار ۾ اُتم جي ليکن جو سلسلو ماتر يومِي (سنڌ) جو جيڪو سربستو احوال ڏئي ٿو، سو ٻي ڪابہ ڀارتي اخبار نہ ٿي ڏيئي سگهي. هند-پاڪ جا تجارتي رشتا تہ ڪجهہ سڌريا آهن، پر تهذيبي رشتن تي اڃا سخت بندش پيل آهي. سنڌي ڪتابن، مخزنن ۽ اخبارن وغيره جي مٽاسٽا اڃا تائين ڄڻ بند آهي. تنهن هوندي بہ عجب آهي تہ سنڌ جو تازو ساهت اُتم هڪڙو ئي شخص کهڙريءَ ڪرامت سان هٿ ڪري، اسان سنڌ يوميءَ کي پيار ڪندڙن جي پياس ٻجهائي رهيو آهي!

(جهوليلعل ١٤-٥-١٩٧٩)

# سنڌي ساهت - ليکڪ 'اُتم'

## تعارف

نئين دنيا پبلشرس جو ١٩٧١ع ۾ ڇپيل چوئيتاليهون صفحا 'سنڌي ساهت'، اُتم جي لکيل اٺن ادبي ۽ تنقيدي مضمونن جو ڳٽڪو آهي.

## جائزو

اٺن مضمونن مان پهرئين ۽ ستين مضمون سان اسان جو موضوع جي لحاظ کان واسطو ناهي، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ قومي تحريڪ جو ذڪر ملي ٿو. باقي ڇهئين کان اٺين مضمونن تائين ڏنل مواد جو تجزيو پيش ڪجي ٿو.

سنڌي ساهت ۽ آزادي عنوان آهي باب ڇهين جو، جنهن ۾ سماج جي سڄاڳيءَ لاءِ ڪيل جاکوڙ جو جهجهو ذڪر ڪيل آهي.

اُتم سنڌي ساهت جي آزاديءَ بابت ڪيل جاکوڙ جو ذڪر ادبي دنيا سان واسطو رکندڙ ذريعي جي حوالي سان ڪيو آهي، جن ۾ صحافت ۽ علم ادب اچي وڃن ٿا.

اخبارن ۾ فقط چئن اخبارن هندواسي، ڀارتواسي، وديارٿي ۽ ماتا جو ذڪر ملي ٿو. جڏهن ته الوحسيد ۽ ٻين اخبارن کي نه ڪنيو ويو آهي. ان بعد مضمون، ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ ۽ شاعري جي صنفن ۾ جيڪا آزادي بابت ونا ونان ٿي ۽ ڳهل ڳهوڙا ڪئي وئي، اها به سواءِ شاعريءَ جي صنف جي، باقي تمام مختصر ۽ اڻپوري ٿي لڳي.

شاعريءَ جي صنف هيٺ آزادي بابت شعر لکندڙ چند شاعرن جهڙوڪ لعل چند امر ڏنومل، ڪشنچند بيوس، عزيز

ليڪن ۾ ٿئي ٿو ۽ سندس تنقيد تي هڪ ٿي وقتا
تي قومپرستيءَ خواه سوشلزم جِي ڇاپ لڳل محسوس ٿئي
ٿو. ان هوندي به اُتم اهڙن موضوعن تي قلم کنيو آهي،
جيڪي نقادن توڙي محققن جو توجهه لهڻن ٿا. اُتم جا
اهي سمورا مضمون، موضوع لاءِ، آخري حرف جي حيثيت
نٿا رکن، پر وڏيڪ تحقيق ۽ تنقيد لاءِ راهون هموار ڪن
ٿا. سندس مضمونن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته هو محقق
گهٽ مگر نقاد وڏيڪ آهي.

(ص، ۱۹۸۳)

هيءَ ڳالهه پڻ ڌيان تي آڻڻ جهڙي آهي ته 'نئين
دنيا' تعداد جي حساب سان نقادن جو وڏو انگ پيدا
نه ڪيو آهي پر تنقيد کي مخصوص مهارت، فن ۽ علم
جي حيثيت ڏئي فقط ناميارن نقادن جون خدمتون حاصل
ڪيون آهن. جن نقادن 'نئين دنيا' ۾ تنقيدي خدمتون
سرانجام ڏنيون آهن انهن مان مکيه نالا هن ريت آهن:
اُتم (مارچ ۵۱، جنوري ۵۸، جولاءِ آگسٽ ۶۰، مارچ ۲۰۰۰
۷۱) .....

● ● ● ● ●

سنڌي ادب ۾ تنقيدنگاري ڪتاب ۱۹۹۴ع (سنڌ ۾ ۲۰۰۳ع)
ص.۱۵۲

۸ جنوري ۱۹۴۶ع جي 'هندو سنسار' اخبار ۾ 'نه گهرجي
اسانکي اهڙو ساهت' جي سري هيٺ اُتم، ميلارام واسواڻي [illegible]
جو ترجمو ڪيل ناول 'سماجڪ بلوو' تي تنقيد ڪئي، جنهن

۾ هن اها راءِ قائم ڪئي ته هن ترجمي ٿيل ناول ۾ ڪابه نواڻ ۽ تازگي ڪانهي ۽ نه وري سماجي بلوي جي جهلڪ ملي ٿي. پر جيڪڏهن ڪجهه ملي ٿو ته اهو آهي نظرياتي ملووگيان خلاف بلوو ۽ جنهن کي سنڌي ٻوليءَ ۽ علم و ادب برداشت نٿو ڪري سگهي.

١٩٨١ع ۾ ڪلپنا ڪتاب گهر، سنڌونگر طرفان اي. جي. اُتم جو ڪتاب 'سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد' پڌرو ٿيو. ١٢٠ صفحن تي مشتمل هي ڪتاب ڇهن مقالن جو مجموعو آهي، جيڪي آهن، 'هڪ اٽوسرنڌڙ وشو ڪهاڻي'، 'سنڌي ناٽڪ جا هڪ سؤ سال'، 'سنڌي ڪهاڻي ۾ سنڌي زندگي' ۽ 'سنڌي تنقيد جو جائزو.'

هن ڪتاب جا آخري ٽي مضمون تنقيد جي تاريخ ۾ وڏي حيثيت رکن ٿا. سنڌي ناٽڪ وارو مضمون، ادب جي ارتقا جو تاريخي جائزو آهي. سنڌي ڪهاڻي ڪهاڻي واري مضمون ۾ ڪهاڻيءَ جي اوسر کي سماجي پس منظر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ جڏهن ته 'سنڌي تنقيد جو جائزو' نه فقط تنقيد جي تاريخ آهي، بلڪ تنقيد تي تنقيد جو نمونو پڻ آهي.

•••••

سنڌي ادب ۾ تنقيدنگاري ڪتاب ١٩٩٤ع (سنڌ ۾ ڇپيل) ص.٦٥٠-٦٥١

## رسالي 'نئين دنيا' ۾ تنقيد جي اوسر ۾ حصو

### ليکڪ : بدر اُڄڻ

هيءَ ڳالهه ڏيان تي آڻڻ جهڙي آهي ته سنڌ ۾، سرڪاري

ليکن ۾ اڳول اضافي جي برابر هئا. انهن سمورن مضمونن جي وچور هتي ڏيڻ ممکن ناهي.

ٽيون حوالو جنهن ذريعي هن رسالي عملي تنقيد جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، اهي آهن تنقيدون ۽ تبصرا، جيڪي مختلف پرچن ۾ شايع ٿيندا رهيا.

●●●●●

'چميا چند گلاب' - پدمڻي پبلڪيشن، ميرپور خاص، سنڌ

ڪتاب جي شروع ۾ ليکڪ ديدار بلوچ جي هٿ لکئي وڏي پيار ۽ محبت مان هي ڪتاب پيش ٿو ڪريان.

دادا اُتم لاءِ جنهن اڄ تائين پنهنجي جنم ڀومي سنڌ کي وساريو ڪونهي ۽ پڻ دادا اُتم، مان توهان کان معافي ٿو وٺان پنهنجن انهن سرگواسي ابن ڏاڏن جي طرفان جن منهنجن ابن ڏاڏن توهان جهڙن سڀاجهڙن ماڻهن کي پنهنجي وطن سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. توهانجي حياتيءَ لاءِ وڏيون دعائون.

توهانجو نوڪر

ديدار بلوچ،

ميرپور خاص، سنڌ

١٣-١١-٨٩

●●●●●

سنڌ نيوز - حيدرآباد سنڌ ٨ فيبروري ١٩٩٢

روشن تبسم

سنڌ ۽ هند جي مشهور ليکڪ، نقاد ۽ ڪهاڻيڪار سائين

ڪتاب پڙهڻ سان استاد جيِ عزت سٽ سٽ ۾ ظاهر
لکي ٿيِ. نيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ (سنڌيت جيِ خوشبوءِ) ۽
ڀلا ڏيپ ڏاءَ جي سماجيِ بُراين تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئيِ
الس. ناٽڪ نويسي جي اهميت سهڻي نموني اجاگر ٿيل
آهي جنهن مان ناٽڪ نويسيِ کي ٻيهر اوُج تي پهچائڻ
ڪوشش ڪري سگهن ٿا. اي. جي. اُتم، علم، عقل
مشاهدي جي زور تي منگهارام ملڪاڻيِ جي زندگيءَ
هي هر پهلوءَ کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

● ● ● ● ●

مهمڻ روشن تبسم - تبصرو - روزانيِ پڪار، ١٧ مارچ ١٩٩٢ع،
سکر (سنڌ)

ڪلپنا ڪتاب گهر جي طرفان ڇپايل ’سنڌي ڪهاڻيِ،
ناٽڪ ۽ تنقيد نالي ڪتاب، مشهور ڪهاڻيڪار، اديب ۽
نقاد محترم اي. جي. اُتم جي سچيِ ڪري ۽ بي باڪ
قلم سان، حقيقت ۽ سچ جي آدرسين ڏيڪاريندڙ عمليِ
ادبي خزاني سان ٽمٽار چوندس. ليڪ سنڌي اديبن جي
پورهئي جو ذڪر تمام سهڻي ۽ سليس انداز ۾ ڪيو
آهي. هو ڪوزي ۾ درياهه بند ڪرڻ جو ڏانو رکي ٿو.
سندس مسلسل ادب ڏي چاهه مڃڻ جو ثبوت ڏئي ٿو.
ٻولي، لفظن جي جوڙجڪ ٻيهڪ بيان ساراهه جوڳيِ آهي.
سلا کي اي. جي. اُتم جهڙن اورچ انسانن جي گهڻيِ
ضرورت آهي جنهن ادب کي زندگيِ بندگيِ سمجهيِ، پنهنجي
وطن جي تمام ٻولي جي جهرجهنگ پهچائڻ لاءِ ان جي

ميتا ڪرائڻ لاءِ ڏينهن رات جا آرام ڦٽا ڪري هميشه املهه ڪتاب پئي ڏنا آهن. اي. جي. اُتم جو سنڌي ادبا تي اهو احسان رهندو جو هن پاڻ وڃائي علم جي ڏاٽي جي وٽ پئي سوري آهي.

● ● ● ● ●

## اُتم جون رچنائون پروفيسر ملڪاڻيءَ جي نظر ۾

نئون چين ڪتاب : هندستان ۽ چين وڏي ۾ وڏا پاڙيسري ملڪ آهن. سنڌن سڀيتا ساري سنسار ۾ جهوني ۾ جهوني آهي ۽ لڳ ڀڳ هڪجهڙي آهي. چين جي مثال مان هندستان ڪي گهڻا ڪارائتا سبق سکڻا آهن.

منهنجو ادبي دوست ’اُتم‘ ڪيتري وقت کان چين جي نئين نظام جو گهرو اڀياس ڪندو آيو آهي. هاڻي اها ڪوجنا مڪمل ڪري ’نئون چين‘ ڪتاب لکيو اٿس. ان ۾ چين جي نئين سرشتي تي هر پهلوءَ کان روشني وڌي ويئي آهي. سياسي، آرٿڪ، سماجڪ، تعليمي، هنري وغيره وغيره ۽ چيني زندگيءَ جا مڙيئي پاسا نهايت چڱيءَ طرح سمجهايل آهن ۽ دلچسپ نمونې پيش ڪيل آهن. اُتم جي عبارت بہ دستور موجب چيدي ۽ مائيدار آهي. مونکي خاطري آهي تہ هي ڪتاب سنڌي ڀائرن ۾ چين ولايت بابت چڱي ڄاڻ پيدا ڪندو ۽ ڀارت-چين جي قديم دوستي وري قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪندو.

مهاڳ ’نئين دنيا‘ ١٩٥٣ع

● ● ● ● ●

## ’نئين دنيا‘ ۲۰ سالن جو يادگار پرچو (مئي ۱۹۶۸ع)

نئين دنيا جي ۲۰ سالن جو يادگار پرچي ۾ ترقي پسندي جي اصولن موجب مواد جي چونڊ اهڙي ڪيل آهي جو هي مجموعو ورهاڱي کانپوءِ جي سنڌي ساهت جو خزانو ٿي پيو آهي. منجهس ۲۰ سالن ۾ سنڌي ساهت جي شاخن ۾ جا اوسر ٿي آهي، سا چٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ ان ۾ نئين دنيا اهم رول ادا ڪيو آهي.

### لينن ۽ مهاتما ڪتاب

نئين دنيا جي جون جولاءِ وارن پرچن ۾ اُتم جا لينن تي ليک اونهي کوج جو نتيجو آهن. جولاءِ پرچي ۾ لينن جو ’شانتي پسند سهجيون‘ سنو ليک آهي پر جون وارو مضمون لينن جي ’ڪلچر آرٽ ۽ اخلاق‘ بابت ويچارن وارون، وڏيڪ دلچسپ لڳو ۽ مون تي نهايت سنو اثر ڇڏيائين.

مان قبول ٿو ڪريان ته منهنجي من ۾ مارڪسواد جي پوري ايياس نه هئڻ ڪارڻ، ڪي شنڪائون ۽ وسوسا رهيل هئا، جي ان مضمون پڙهڻ سان دور ٿي ويا، خاص ڪري جو باسيو اٿس ته ’البت ائين آهي ته جڏهن رشيا ۾ اچا پهريون پهريون سوشلسٽ انقلاب آيو، تڏهن تمام ٿوري وقت لاءِ پيار، سيڪس ۽ شادي جي باري ۾ ڇڙواڳيءَ جي لهر اُيري هئي. ليڪن لينن ان لهر جو جيڪو مقابلو ڪيو، سو اتهاسڪ آهي، تڏهن شڪ گمان لهي ويا.

(نئين دنيا آگسٽ ۱۹۶۹ع)

سنڌي ساهت جو حصو ٿي ويئون آهن. 'نئين دنيا' پاران
جو 'ٽئگور - هڪ جهلڪ' (ليڪ اُتم) پستڪ نڪتو آهي،
سو منهنجي نظر ۾ نرالو آهي. ڏسجي تو ته ڪتاب تي
اهو نالو شايد نهنائيءَ وچان رکيو ويو آهي، ڇو جو منجهس
ٽئگور: تي صرف هڪ جهلڪ نه، پر پنج جهلڪون ڏنل
آهن، جن مان هرهڪ جهلڪ نه، پر چڱو چوکو شعاع آهي،
جنهنڪري ڪتاب ٽئگور ساهت تي پنجن طرفن کان ڀرپور
روشني ٿو اُڇلي ۽ ٽئگور تي سنڌيءَ ۾ پهريون تنقيدي
ڪتاب ٿي پيو آهي. هن ڪتاب جي ٻي خاصيت اها
آهي جو پنج ئي مضمون هڪڙي ئي ليکڪ شري اُتم
جا لکيل آهن، جنهن ڪري سڄي ڪتاب ۾ خيالن خواه
عبارت جي ايڪاگرتا آهي ئي آهي، جا مختلف لکندڙن
جي مضمونن ۾ ملي نه سگهندي.

هن ڪتاب جو بهترين مضمون آهي، 'ٽئگور ۽ سنڌي
ساهت' جنهن ۾ نه فقط اهو ذڪر ڪيل آهي ته ٽئگور
جا ڪهڙا ناول، ناٽڪ، آڪاڻيون ۽ شعر جا ڪتاب سنڌيءَ
۾ آيل آهن، پر اهو پڻ ڏيکاريل آهي ته سنڌي ساهت
۾ انهن شاخن تي گرديو جي رچنائن جو ڪهڙو اثر پيو
۽ ڪهڙيون نيون ڌارائون پيدا ٿيون. 'انسانيت جو اديب
ٽئگور' سري وارو ليک پڙهي عجب پيو لڳي ته ٽئگور
جي اٿاهه رچنائن مان اهڙيون به ڪي آهن جا جن جو
شري اُتم مطالعو نه ڪيو هجي ۽ اندازو نه لڳايو هجي!
'ٽئگور جو مذاق ۽ طنز' هڪ غيررواجي وشيه آهي جنهن
۾ گرديو جي اڪثر گنڀير رچنائن ۾ جيڪو ڪل مسخري

دوستن ۽ اديبن جي هند وارن دوستن سان خط و ڪتابت نهايت دلچسپ لڳندي آهي. جنهن مان سنڌي ڀائرن جي سڪ ۽ سنڌ جي جهونن ڳوٺن ۽ شهرن جا تازا بيان پڙهي دل اُڇلون ڏيندي آهي.

سنڌ ديش سان لاڳاپا قائم رکڻ اسان لاءِ نهايت ضروري آهن. سنڌي ٻوليءَ جو نيٽ محاورو (فارسي، عربي جي ٿيل ملاوت بنا) اسانکي سنڌ ڀوميءَ جي باشندن کان ئي سکڻو آهي، جو جو هتي اسانجي سنڌي ٻولي بگڙندي پيئي وڃي. اسين هتي مرڪزي سنڌي لئبرريون برپا پيا ڪريون، اهو پڻ چڱو ڪم آهي، پر انهن ۾ صرف ڀارت ۾ شايع ٿيل ڪتاب پيا پريون ۽ جهونا شاهڪار تہ هتي عدم پيدا آهن. اهي تہ حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج ۽ ڪراچي سرناگتي لئبررين ۾ ئي محفوظ آهن. انهن سان سهڪار ڪري، انهنجا نقل هٿ ڪنداسون تڏهن ئي سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي پوري کوجنا ڪري سگهنداسون.

(سنڌو سنسار ۱ مئي ۱۹۷۷ع)

• • • • •

## سنڌو سنسار جا سمپادڪي ليک

جوان ليکڪن مان اُتم منهنجو اوئلي دوست آهي. مون جاچيو آهي تہ هن جي ظاهري خشڪ سڀاءَ پنيان هڪ جذباتي دل لڪل آهي، جا تازو سنڌو سنسار ڪيڻ بعد رفتي رفتي پڌري ٿي رهي آهي.

دنيا ڀر جو دکدائڪ سماچار، مثلا دکن ڀارت جا تازا

طوفان ۽ ٻوڏون، هوائي ريلوي حادثا، بلڪ رواجي خون ۽ خودڪشيون، هو اهڙيءَ اندر جي پيڙا وچان لکندو آهي جو اُن مان انسان ذات لاءِ قرب ۽ همدردي پيدا ٿيندا آهن. هن جي سماجواد ۽ ترقي پسنديءَ جو پايو اهو ئي انسانيت جو جذبو آهي، جنهنکي انگريزي شاعر 'ملڪ آف هيومن ڪائينڊنيس' ڪوٺيو آهي. هن جا سمپادڪي ليک به مثالي آهن. جن جهڙا ڪي جزوي سنڌي اخبار ۾ ايندا آهن. هر سياسي، آرٿڪ توڙي سماجڪ وشيه تي ويچار وزندار سمجهدار هوندا آهن جي هڪ پڪل ۽ رسيل شخصيت جي ساک پريندا آهن. منجهن مکيه خوبي اها هوندي آهي جو اهي بي رياءِ ۽ بيطرفدار هوندا آهن ۽ ٻنهي طرفن ۽ ڌرين جون خوبيون خاميون بي ڌڙائيءَ سان پيش ڪندا آهن ۽ پاٺڪن کي موزون رايا قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪندا آهن. وڏي ڳالهه ته جنهن به مسئلي سان سنڌي جاتيءَ جي ڪابه بهبودي ڳنڍي سگهندو آهي. هو تنهنجي زوردار اُپٽار ڪندو آهي، جنهن ڪري سنڌو سنسار ۾ چس پچ سنڌيت جي آدرش ڦهلائڻ جو زبردست واهڻ ثابت ٿي پيئي آهي. اُتم جي سنڌي ڀاشا ۽ سنڌي محاورو به اهڙو پڪو پختو ۽ ٺهڪيل ٺهڪيل آهي جنهن مان گهڻا سنڌي سبق سکي سگهن ٿا.

(سنڌو سنسار، ١٦-١-١٩٧٨ع)

●●●●●

## سنڌ جي سماچار جا ليک

’آشاواڻيِ‘ اخبار ۾ اُتم جي ليکن جو سلسلو، ماتر يوميِ (سنڌ) جو جيڪو سربستو احوال ڏئي ٿو، سو ٻي ڪا ڀارتي اخبار نہ ٿي ڏيئي سگهي. هند-پاڪ جا تجارتي رشتا تہ ڪجھ سڌريا آهن، پر تهذيبي رشتن تي اڃا سخت بندش پيل آهي. سنڌي ڪتابن، مخزنن ۽ اخبارن وغيره جيِ مٽاسٽا اڃا تائين چڱ بند آهي. تنهن هوندي بہ عجب آهي تہ سنڌ جو تازو ساهت اُتم هڪڙو ئيِ شخص ڪهڙيءَ ڪرامت سان هٿ ڪري، اسان سنڌ يوميءَ کي پيار ڪندڙن جيِ پياس ٻجهائي رهيو آهي!

(جهوليلعل ١٤-٥-١٩٧٩)